ماهوار سنڌي

# شعور

حيدرآباد

## عام چونڊون، پيپلز پارٽي ۽ سنڌ

## سلمان رشدي ۽ مذهبي ڌريون

## ڪامريڊ سوڀو جو تاريخي انٽرويو

## پروفيسر جمال نقويءَ جو تفصيلي انٽرويو



# شعور ڪچهري

(شعور ۾ جيڪي به اڄ ڏينهن تائين مضمون ڇپيا آهن، اهي ان پاليسيءَ تحت ڇپيا آهن ته جيئن سيني ڌرين جي نمائندگي ٿئي. اداري طرفان ڪو به مضمون ڪنهن خاص لائين تحت روڪيو يا هلايو نه ويندو آهي. دوست قربان ابڙو جو خط به هڪ بحث جو سڏ آهي. سنڌ جي سيني هڏ ڏوکين کي سڏ آهي ته هن تي بحث ڪن دوست قربان جا ٿورائتا آهيون، جنهن هيترو تفصيلي خط لکيو آهي. اميد آهي ته دوست آئينده به مهرباني ڪندو رهندو.

اسان اميد رکون ٿا ته ٻيون ڌريون ۽ مختلف خيال رکندڙ باشعور ماڻهو پڻ اهڙي مهرباني ڪندا. — شعور سٿ

سائين ايڊيٽر صاحب

شعور جو ٽيرهون شمارو نظر مان گذريو. منصور ڪاهوڙيءَ جو مضمون "سنڌ ۾ ڌارين جي آباد ڪاريءَ جا اثرات" پڙهڻ کان پوءِ ذهن کي ڏاڍو جهٽڪو لڳو. خبر ناهي ته شعور وارن وٽ لکڻ وارن جي اڻاٺ آهي، يا وري اڳواٽ منصوبه بندي هيٺ اهڙي پرچار شروع ڪئي اٿن.

(۱) پاڪستان جي ٺهڻ جو سبب فقط مذهبي جنون ۽ ٻه قومي نظرئي کي ڄاڻايو ويو آهي، جڏهن ته ان جا حقيقي معاشي ڪارڻ بيان ڪرڻ گهرجن ها. اصل ۾ سڀ تضاد بنيادي طور انهيءَ هڪ تضاد جون مختلف شڪليون هوندا آهن. جيڪڏهن فقط مذهب هجي ها ته هاڻي مذهب کي اپارڻ جي باوجود به ڇو مذهبي جماعتون غير مؤثر ٿينديون پيون وڃن. پاڪستان مذهبي جنون جي بلڪل پيداوار ڪونه آهي. مذهب هڪ عنصر ضرور هيو، ڇاڪاڻ ته پنجاب ۾ مسلم ليگ جي حيثيت ڪنهن کان به لڪل ڪونه آهي. سرحد ۾ ريفرينڊم ٿيو ۽ بلوچستان تي فوجي چڙهائي ڪئي وئي، بهرحال انهيءَ موضوع تي گهڻو ڪجهه لکجي چڪو آهي، پر ان جو اثر جيڪڏهن ڪنهن ڌر تي نه پيو آهي ته اها صرف تصديق ٿيل (ٺپو لڳل) ڪابي ڌر ئي آهي، ڪابي ڌر جا به رڳو نظرياتي پنڊت.

مضمون نگار اڳتي هلي لکي ٿو ته:

(۲) پنجاب ۾ جاگيرداري نظام سخت شڪل ۾ موجود آهي شايد هي دوست ٻاهرين جي نئين آيل جٿي سان سنڌ ۾ داخل ٿيو آهي نه ته جيڪر شعور جهڙي پرچي ۾ اهڙي "ڳپوڙي" کي شايد ئي جاءِ ڏني وڃي ها.

پنجاب جو زرعي نظام شايد ايشيا جو سٽريل نظام آهي. زراعت ۾ مشين وڏي پيماني تي اچي چڪي آهي، جيڪا ڳالهه مضمون نگار پاڻ به مڃي آهي. صنعت جا انگ اکر به بقول سندس ۵۴۶۲ سيڪڙو آهي. پوءِ اتي جاگيرداري ڪٿان آئي، هڪ ئي پيراگراف ۾ ايڏو تضاد!!

(۳) سنڌ ۾ آبادڪاريءَ جو ٻهريون سبب سمونڊ ڄاڻايو اٿس، جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ سمونڊ ته بلوچستان ۾ به آهي. ڪراچي کان وڌيڪ ته گوادر اهميت لائق جاءِ آهي. پوءِ اتي صنعت ڇو نه لڳائي وئي؟!

(۴) مقامي منڊيءَ جي لاءِ عرض اهو آهي ته پاڪستان ٺهڻ وقت ته ڪراچيءَ جي آبادي چند لک هئي، باقي ته ٻاهران آيل ماڻهو گڏ ٿيندا رهيا آهن، تنهن ڪري صنعت لڳائڻ لاءِ ڪراچي کي چونڊجڻ جو سبب منڊي نه پر ڪو ٻيو ٿي سگهي ٿو، ڌاڪ هيو جنهن کي هاڻي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ڪوششون تيز ٿي ويون آهن.

(۵) دوست لکي ٿو ته صنعت لڳائڻ لاءِ موسم نه سرد هجي نه گرم ٻي صورت ۾ مزدور گهڻي محنت نه ڪري سگهندو. ڇا اولهه يورپي ملڪن برطانيه، آمريڪا، جرمني توڙي جپان ۽ روس جي موسم معتدل آهي يا اهي ترقي يافته ملڪ ٿڌا آهن؟!!

اها سائنسي تحقيق ڪهڙي ستاري تي ٿي آهي جنهن کان سنڌي ماڻهن کي باخبر ڪيو پيو وڃي؟ افسوس ته ايڊيٽر صاحب جو آهي!!

(٦) مضمون نگار لکي ٿو ته مقامي مزدور ڇمي ويڙهه ڪري ٿو جڏهن ته غير مقامي مزدور گهٻرائيندو آهي. ته هن جي معنيٰ اها ٿي ته ٻاهرين مزدور کي واپس ڪجي ته جيئن اهو پنهنجي ڌرتيءَ تي وڃي صحيح جدوجهد ڪري سگهي، انقلابي ڪردار ادا ڪري سگهي پنهنجي سرمائيدار هٿان استعمال ٿيڻ بدران ان سان مهاڏو اٽڪائي هن خطي ۾ ٿيندڙ سمورين سامراجي سازشن خلاف مظلوم قومن جو نه رڳو ساٿ ڏئي پر سندن اڳواڻي به ڪري.

حيدرآباد ۾

پروپرائيٽر: شام ڪمار

شڪارپور جي مشهور مٺائي

چڪن تڪا ۽

ننڍي گوشت جا شيخ ڪباب

ملڪ جو منفرد هنڌ

# هوٽل جهولي لال

KESWANI

گول بلڊنگ جي پٺيان ڪوڪر محلو

حيدرآباد

MONTHLY SINDHI "SHAHOOR" HYDERABAD - REGD. H(P)/-916

جلد ٤ شمارو ٤ اپريل ١٩٨٩ع

